© rasailojaraid.com


# ٻارن جا حق
## سيرت طيبہ ﷺ جي روشنيءَ ۾

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ


ABSTRACT

Children who are regarded as the flowers of heaven and for whom our beloved Holy Prophet (ﷺ) said that "They are fruits of heart" are provided with complete rights and protection by Islam. It is obligatory for the parents, guardians and government to provide them their initial, secondary and all the basic needs. The most important and basic rights is their education and nourishment so that after being elder they could become a valueable citizen, but it will be possible when they must be educate and nourished in the light of Seerat-e-Tayaba and Taleemat -e- Nabvi (ﷺ).


اڄ جي ڇهين سالانہ صوبائي سيرت ڪانفرنس منعقد مارچ 2013ع جو اهم موضوع ۽ عنوان اهي "ٻارن جا حق سيرت طيبہ صلي الله عليہ وسلم جي روشني ۾" اسلام ديني فطرت اهي. زندگي جي هر شعبي جي رهنمائي ان ابدي ۽ فطرتي دين ۾ موجود اهي . اسلام کان پهريون ان جو سراغ ٻين اسماني ڪتابن ۾ نٿو ملي . ان مان هيءَ ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ اسلام جي اچڻ کان پهرين والدين کي تہ پنهنجي اولاد تي اڻ ڳڻيا اختيارات حاصل هئا پر اولاد جا والدين تي ڪي بہ حق نہ هئا ۽ اهڙي قسم جي حقن کي والدين جي شان جي خلاف سمجهيو ويندو هو. پر حضور صلي الله عليہ وسلم جن جيڪا شريعت مبارڪ پاڻ سان گڏ کڻي آيا ان ۾ حقن جي معاملي ۾ وڏن ننڍن جو فرق نہ رکيو ويو پاڻ ڪريم ان ڏس ۾ هن طرح رهنمائي فرمائي.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com


ليس منا من لم يرحم صغيرنا ولم يوقر كبيرنا "ترمذي"

ترجمو: جيڪو شخص اسان جي ننڍن تي شفقت نٿو ڪري ۽ اسان جي وڏن جو ادب نٿو ڪري اهو اسان مان نہ آهي.

وڏا ننڍن سان شفقت سان پيش اچن ۽ ننڍا وڏن جو ادب ۽ لحاظ ڪن. هي اهو اصول آهي جنهن تي ننڍن ۽ وڏن جا حق تسليم ڪيا ويا.

اولاد جو سڀ کان پهرين پنهنجي والدين تي هي حق آهي جو پنهنجي اولاد جي واڌ ويجهہ ۽ ترقي لاءِ اهي سڀ ذريعا استعمال ڪن جيڪي انهن جي وس ۽ اختيار ۾ آهن. ان ڪري ئي تہ اسلام اسقاط حمل (Abortion) ۽ عزل کي سٺو نہ سمجهيو ۽ پيدائش کان پوءِ کين مارڻ واري جاهلانہ رسم کي پاڙ پٽڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي.

اولاد کي جيئڻ جو حق

عرب جي ظالمانہ رسم ۾ معصوم ٻارن کي مارڻ ۽ نياڻين کي جيئرو پورڻ هو هي ڪتو ڪم والدين پنهنجي خوشي ۽ مرضي سان ڪندا هئا ان گندي رسم کي چالو رکڻ جا ڪيترا ئي سبب هئا جنهن مان هڪ مذهبي بہ هيو يعني والدين پنهنجي ٻارن کي پنهنجي ديوتائن جي رضامندي ۽ خوشي لاءِ کين ڪُهندا هئا منت ميڻيندا هئا تہ جيڪڏهن منهنجو فلاڻو ڪم ٿيو تہ پنهجي پٽ جي قرباني ڏيندس، هي نفرت جوڳي رسم نہ رڳو عرب ۾ هئي بلڪ گهڻين بت پرست قومن ۾ هئي. رومة الڪبري جي عظيم الشان متمدن قانون ۾ اولاد کي مارڻ جو پيءُ کي اختيار حاصل هيو.

هندوستان جي راجپوتن ۾ هي ڏکوئيندڙ منظر نياڻين جي شادي جي شرم ۽ عار کان بچڻ ۽ رن زالن جي ستي جي صورت ۾ بتن ۽ ديوتائين جي خوشي ۽ نذراني لاءِ معصومن جي زندگي اساني سان ورتي ويندي هئي. قران مجيد جي ايندڙ ايت ۾ اهڙي قسم جي عقيدي ۽ قومن جي رسمن کي باطل ڪيو ويو آهي.

وڪذالڪ زين لڪثير من المشرڪين قتل اولادهم

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



لشركائهم ليردوهم وليبثو عليهم دينهم. ولوشاء الله ما فعلوه فذرهم وما يفترون (انعام 138)

ترجمو: ۽ اهڙي طرح سينگاري ڏنو اهي گهڻن مشركن كي قتل كرڻ پنهنجي ٻچن جو سندن شريكن جيئن تباه كن انهن كي ۽ جيئن ملاوت كن انهن تي سندن مذهب ۾ ۽ جيكڏهن گهري ها الله تعالي ته كونه كن ها اهو كم پوءِ ڇڏانهن كي جيكي كوڙ ٻڌائون

ان ڏس ۾ الله تبارك وتعالي مزيد ارشاد فرمايو .

قد خسرالذين قتلو اولادهم سفها بغير علم (انعام 141)

ترجمو. ناكم ٿيا اهي جن كٺو پنهنجن ٻچن كي بيوقوفي كري بنا ڄاڻ جي.

ان گندي رسم ۽ گناه جو ٻيو سبب عربن جو عام غربت ۽ محتاجي به هئي جو هو سمجهندا هئا ته اولاد هوندي ته سندن كاڌڻ پيئڻ جو به بندوبست كرڻو پوندو انهي كري كين ماري ان فرض كان اجا ٿيڻ چاهيندا هئا.

حضور رحمته للعالمين صلي الله عليه وسلم كين ٻڌايو ته هر ٻار پنهجي روزي ۽ قسمت پاڻ سان گڏ كٺي ايندو اهي كوبه كنهن كي نه كارائيندو اهي بلك الله تعالي ئي اهي جيكو هر هك كي كارائي ۽ پياري ٿو جنهن جي ضمانت هيئن رباني ايت مان ظاهر ٿئي ٿي.

وما من دابة في الارض الا علي الله رزقها (هود)

ترجمو: ۽ ناهي كوئي ورچ كندڙ ڌرتيءَ ۾ مگر الله تعالي تي اهي روزي ان جي تنهن كري بي سمجهه عربن كي تعليم ڏني وئي.

ولا تقتلو اولادكم خشية املاق نحن نرزقهم واياكم ان قتلهم كان خطا كبيرا. (بني اسرائيل 31)

ترجمو . ۽ نه قتل كريو پنهنجي اولاد كي سڃائي جي خوف كان اسان ئي روزي ڏيندا اهيون انهن كي ۽ توهان كي بيشك مارڻ انهن جو اهي ڏوهه وڏو .

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



اولاد جي قتل واري جرم کي ايتري اهميت ڏني وئي جو جهڙي طرح شرڪ ڪرڻ حرام اهي اهڙئي طرح اولاد کي به قتل ڪرڻ حرام اهي.

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم کي الله تعالي پاران حڪم ٿيو ته انهن عربن جن پنهنجي طرفان گهڻيون شيون حرام ڪيون اهن ٻڌايو ته اصل شيون انهن تي ڪهڙيون حرام اهن.

قل تعالو اتل ما حرم ربكم عليكم الا تشركو به شيئا وبالوالدين احسانا ولاتقتلو اولادكم من املاق نحن نرزقكم واياهم. (انعام 152)

ترجمو چوءِ اچو ءِ پڙهان ٿو جيڪي حرام ڪيو توهان جي رب توهان تي ته نه شريڪ ڪيو انهي سان ڪنهن شي کي ۽ پيءُ ماءُ سان چڱائي ڪريو ۽ نه ڪُهو پنهنجن ٻچن کي سڃائي کان اسان روزي ڏيندا اهيو توهان کي ۽ انهن کي.

هڪ ڀيري هڪ صحابي سڳوري حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم کان پڇيو ته اي الله جا رسول سڀ کان وڏو گناه ڪهڙو اهي . پاڻ فرمايا ٿون ته شرڪ ان کان پوءِ والدين جي نافرماني، پوءِ عرض ڪيائين ته ان کان پوءِ پاڻ ڪريم جن فرمايو پنهجي اولاد کي ان خوف جي ڪري مارڻ ته اهي انهن سان گڏ کائيندا.

اولاد کي مارڻ جو ٻيون سبب جيڪو افسوس جوڳو هو جو هو نياڻين کي جيئرو پوري ڇڏيندا هئا جو نياڻي جو هجڻ شرم ۽ عار جو سبب سمجهندا هئا قران مجيد سندن حالت هيئنه طرح بيان فرمائي اهي

واذا بشراحدهم بالانثي ضل وجهه مسودا وهم كظيم. يتواري من القوم من سوء ما بشر به ايمسكه علي هون ام يدسه في التراب (نحل 59،58)

ترجمو: ۽ جڏهن واڌائي ڏني وڃي ٿي ڪنهن کي ڌيءُ جي ته ٿئي ٿو منهن ان جو ڪارو ۽ اهو اهي ڏک ڀريل لڪندو اهي ماڻهن کان ان جي برائي کان جنهن جي ڪيس خوشخبري ڏني وئي ڇا جهلي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



انهيءَ کي خواري تي يا پوري ان کي مٽي ۾.

اٿين ته ان بري رسم جو رواج پوري عرب ۾ هيو پرانهن مان خاص ڪري بنو تميم ۾ ان ڪڌي رسم جو رواج عام هيو.

بنو تميم جي هڪ سردار قيس بن عاصم حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي اڏو هڪ پيري اقرار ڪيو ته هن پنهنجي هٿن سان اٺن ڌهن نياڻين کي جيئرو پوريو هيو. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم کيس فرمايو ته اي قيس! هر نياڻي جي بدلي هڪ غلام ازاد ڪر. هن عرض ڪيو ته اي الله جارسول مون وٽ غلام نه اهن اٺ اهن پاڻ فرمايائون ته اي قيس هر نياڻي جي بدلي هڪ اٺ قربان ڪر.

هي ڪهڙي نه عجب جهڙي ڳالهه هئي جو مردن کان سواءِ عورتون به ان ڏوهه ۾مردن سان گڏ شريڪ هيون. مائرون پنهنجو پاڻ پنهنجن نياڻين کي پنهنجن هٿن سان کين جيئري پورڻ لاءِ حوالي ڪنديون هيون .

ابن الاعرابي جاهليت جي هڪ شاعر جو شعر ٻڌائي ٿو.

مالقي الموؤود من ظلم امه كما لقيت ذهن جميعا وعامر

ترجمو: زنده دفن ٿيڻ واري ٻار پنهجي ماءَ جي ظلم کان ايتري تڪليف نه برداشت ڪئي جيتري ذهل ۽ عامر تڪليف برداشت ڪئي.

عام طور تي ماڻهو نياڻين جي هجڻ کي بلا ۽ مصيبت سمجهندا هئا حضور صلي الله عليہ وسلم جي اچڻ کان پوءِ ان بلا ۽ مصيبت کي سيرت طيبہ جي تعليمات اهڙي رحمت بڻائي ڇڏيو جو اها هيٺي ۽ ڪمزور نياڻي اخرت جي ڇوٽڪاري جو ذريعو بڻجي وئي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو جيڪو ٻن نياڻين جي پالنا ڪري ايتري تائين جو اهي جوان ٿي وڃن ته قيامت جي ڏينهن اهو هن ٻن اگرين وانگر مون سان گڏ هوندو. ٻارجو اسلام ۾ پيو بنيادي حق کير پيارڻ اهي.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com

کير پيارڻ جو حق

اولاد جي جيئڻ جي حق کان پوءِ پهريون فرض کيس کير پيارڻ اهي جيستائين هو پاڻ کائڻ پيئڻ جي لائق ٿئو ٿئي کير پيارڻ جي مدت ٻه سال مقرر ڪئي وئي.

والوالدات يرضعن اولادهم حولين کاملين لمن اراد ان يتم الرضاعة وعلي المولود له رزقهن وکسوتهن بالمعروف (البقره 333).

ترجمو: ۽ مائرون ٿڃ ڏين ٻارن پنهنجن کي ٻه سال پورا انهيءَ لاءِ جيڪو چاهي ته پورو ڪرائي ٿڃ جو وقت ۽ ٻار واري تي اهي خوراڪ انهن جي ۽ پوشاڪ انهن جي رواج طور.

کير پيارڻ واري عمر ۾ جيڪڏهن ماءُ کان سواءِ ٻيءَ ڪا ٻه عورت کيس کير پياري ان جي زندگي جو سهارو بڻجي ٿي ته اسلام ئي اهڙو دين اهي جنهن قانوني طرح ان جي اهميت کي قبول ڪيو اهي ۽ ان جي درجي کي ٻه ماءُ وانگر تسليم ڪيو ۽ ان جي اولاد کي ٻه ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي رشتي جهڙو مقام عطا ڪيو اهي. الله تعالي جو فرمان اهي.

وامهاتکم التي ارضعنکم واخواتکم من الرضاعة.

ترجمو: اوهان تي اهي مائرون ٻه حرام اهن جن توهان کي کير پياريو اهي ۽ توهان جون ڀينرون جن اوهان سان گڏ کير پيتو اهي.

مقصد هي اهي ته انهن ننڍن ٻارن جي واڌ ويجهه جي خدمت اسلام ۾ اها عزت ۽ احترام رکي ٿي جهڙيءَ طرح نسبي رشتا.

تعليم ۽ تربيت جو حق

ظاهري ۽ جسماني نشوونما کان پوءِ اولاد جي باطني ۽ روحاني تربيت جو درجو اهي جنهن کي قران ڪريم هڪ مختصر جملي ۾ جيڪو چئن لفظن تي مشتمل اهي ان حق کي اهڙي طرح جامع انداز ۾ پيش ڪيو اهي جنهن جي تفصيل ۽ تشريح لاءِ دفترن جا دفتر لکي سگهجن ٿا

ياايها الذين امنو قوا انفسکم واهليکم نارا (تحريم 6)

ترجمو اي ايمان وارو بچايو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين کي باهه

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



ڪان. پنهجي اهل عيال کي باهه ڪان بچائڻ خاندان جي وڏي جو فرض اهي هن مان مراد جهنم جي باهه اهي پران ۾ سڀ برايون ۽ خرابيون شامل اهن جيڪي انسان کي جهنم جو مستحق بڻائي ڇڏين ٿيون اهڙي طرح گهرجي سردار تي اولاد جي اخلاقي تربيت ديني تعليم ۽ نگهداشت کي فرض قرار ڏنو ويو.

الله تعالي انهن ماڻهن جي تعريف ڪئي اهي جيڪي پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن جي لاءِ دعا گهرن ٿا ۽ چون ٿا:

والذين يقولون ربنا هب لنا من ازواجنا وذريتنا قرة اعين (فرقان 74)

ترجمو: ۽ جيڪي چون ٿا اي رب اسان جا عطا ڪر اسان کي اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان ٺاراڪين جو.

هن ايت مبارڪ مان هيءَ ڳالهه واضح ٿي ته اولاد کي نيڪ ۽ سعادتمند بڻائڻ لاء دعا گهرجي. ان مان معلوم ٿيو ته اولاد کي هر طرح صالح ۽ ڪارآمد بڻائڻ جي سوچ ۽ دعا به هڪ سٺي پيءُ ماء جو فرض اهي.

هڪ ڀيري هڪ اعرابي اقرح بن حابس حضورصلي الله عليه وسلم جي دربار ۾ حاضر ٿيو ته ان وقت حضور صلي الله عليه وسلم جن حضرت حسن کي پيار ڪري رهيا هئا ڪيس ان کي اها ڳالهه ادب ۽ وقار جي خلاف معلوم ٿئي ۽ عرض ڪرڻ لڳو ته توهان ٻارن سان پيار ڪريو ٿا جڏهن ته منهنجا ڏهه ٻار اهن مان انهن مان ڪنهن سان به پيار نه ڪندو اهيان. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ان ڏانهن نهاري فرمائڻ لڳا "جيڪو رحم نٿو ڪري ان تي رحم نه ڪيو ويندو".

ٻي روايت ۾ اهي ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو جيڪڏهن الله تعالي تنهنجي دل مان رحم ۽ شفقت ڪڍي ڇڏي اهي ته اٿون ان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان.

انهن ٻنهي حديثن جو مقصد هي اهي ته ٻارن سان شفقت ۽ محبت سان پيش اچڻ گهرجي جيڪو ماڻهو پنهنجن ٻچن تي رحم نه

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com


تو ڪري ته الله تعالي ان تي رحم نٿو ڪري. هڪ ڀيري هڪ عورت ٻن ٻارڙين سميت حضرت عائشه صديقه رضي الله تعالي عنها وٽ سوالي ٿي آئي ته حضور ڪريم جن جي گهر مبارڪ ۾ هڪ کارڪ جي ڪائڻ کان سواءِ ڪجهه به نه هو، اها کارڪ به بيبي صاحبه ان ڪي ڏيني ڇڏيائين ماءُ جي مامتا کان هي گوارا نه ٿيو جو اها کارڪ پاڻ کائي ۽ ننڍڙين نياڻين کي بکيو رکي بلڪ ان کارڪ جا ٻه حصا ڪري ٻنهي ٻارڙين کي هڪ هڪ حصو ڏنائين. حضرت بيبي صاحبه کي غريب ماءُ جي ان محبت ايثار جي منظر کي ڏسي تعجب ٿيو ۽ حضورصلي الله عليه وسلم جن کي هيءُ واقعو بيان ڪيائين. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن اهو واقعو ٻڌي ڪري فرمايائون ته جڏهن ڪنهن جي نياڻين کي ڪابه مصيبت پيش اچي ۽ انهن سان نيڪي ڪري ته اهي سندس لاءِ دوزخ جي باهه لاءِ اڙ بڻجي وينديون.

پاڻ ڪريم جن هيءُ به فرمايائون ته جنهن شخص ٻن نياڻين جي پالنا ڪئي ايستائين جو هو سمجهه پريون ٿيون ته قيامت جي ڏينهن اهو ۽ آئون هن ٻن آڱرين وانگر مليل هونداسين.

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم هڪ ٻي موقعي تي فرمايائون ته پيءُ پنهنجي ٻار کي ڪابه ادب جي ڳالهه سيکاري اها هڪ صاع جي صدقي کان بهتر اهي. مزيد پاڻ هيئنئن به فرمايائون ته ڪوبه پيءُ پنهنجي ٻار کي ان کان بهتر ڪوبه عطيو نٿو ڏئي جو ان کي سٺي تعليم ڏئي ۽ ان جي نيڪ تربيت ڪري.

اهڙيءَ طرح هيءُ به ضروري اهي جو پٽ کي نياڻي تي رڳو جنس جي ڪري ترجيح نه ڏئي. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايائون ته جنهن کي نياڻي ڄائي ان کي هن جيئرو رهڻ ڏنو ۽ ان جي عزت ڪيائين ۽ ان تي پٽ کي ترجيح نه ڏنائين ته الله تعالي کيس ان عمل جي ڪري جنت ۾ داخل فرما نيندو.

سيرت طيبه جي تعليمات ۾ ڇوڪرن يعني پٽن ۾ به ننڍن ۽ وڏن جو فرق نه رکيو ويو اهي اٿين دنيا جي اڪثر شريعتن ۽ قانونن جي

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com


خلاف اسلام ۾ وڏن ۽ ننڍن جا امتيازي قانون نہ اهن جو هي هڪ ڪي پنهنجي پيءُ سان برابري واري نسبت اهي ايتري تائين جو جيڪڏهن پٽن ۾ ڪنهن هڪ ڪي بغير ڪنهن سبب جي ڪوبہ اهڙو عطيو ڏنو ويو جيڪو ٻئي ڪي نہ مليو اهي تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم ان ڪي ظلم قرار ڏنو.

هڪ پيري جو واقعو اهي تہ هڪ صحابي پنهنجن پٽن مان ڪنهن هڪ ڪي غلام عطا ڪيو ۽ چاهي پيو تہ ان تي حضور صلي الله عليہ وسلم جن شاهد ٿين ان اهڙي قسم جي خواهش جو اظهار ڪيو. پاڻ ڪريم جن ڪائن پڇا ڪئي تہ ڇا تون پنهنجن سيني پٽن ڪي هڪ هڪ غلام ڏنو اهي عرض ڪيائين تہ نہ سائين ! پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ مان اهڙي ظالمانہ عطيي تي گواهہ نہ ٿيندس. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ان عمل سان ان قانون جي جيڪو اسرائيلين، رومين، هندن ۽ ٻين پراڻي قومن ۾ رائج هو ۽ هاڻي بہ اهي تہ رڳو وڏو پٽ جائيداد جو مالڪ بڻبو يا ان کي ترجيح هوندي ان جي اصلاح ڪري ڇڏيائين ۽ پيءُ جي نظر ۾ سندس سيني پٽن جو برابر حق حاصل ٿيو ۽ ننڍن پٽن تي ظلم جو جاري قانون جو خاتمو ٿيو ۽ حقدارن ڪي حق مليو.

## خلاصو:

مٿين قران ڪريم جي ايات ۽ سيرت طيبہ جي تعليمات جي روشني ۾ هيءُ ڳالهہ واضح ٿي تہ اولاد الله تعالي جي هڪ نعمت اهي ان نعمت جو قدر ڪرڻ بہ لازم اهي. اولاد يا ٻارن جا حق سماج ۾ اهم مقام ۽ حيثيت رکن ٿا. جيڪڏهن من انهن ٻارن جي حقن جي ادائيگي نہ ٿيندي تہ هي سماج ڪابہ ترقي نہ ڪندو ۽ ڇڙوڇڙ جو شڪار ٿيندو. ان ڏس ۾ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت طيبہ جي تعليمات ۾ هر طرح جي رهنمائي اهي جهڙوڪ اولاد ڪي جيئڻ جو حق، ڪير پيارڻ جو حق، تعليم وتربيت جو حق وغيره شامل اهن الله

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



تعالي اسان کي عمل جي توفيق بخشي امين.

حوالا ۽ حاشيا:

(1) سيرت ابن هشام ۽ طبقات ابن سعد، تاريخ طبري وغيره ۾ حضرت عبدالمطلب جو حضرت عبدالله کي قرباني ڏيڻ جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي.

(2) اخلاق يورپ جلد اول حب 23

(3) ڪشاف زمخشري ۾ مذڪوره آهي جيڪي ان آيت جي تسفير ۾.

(4) صحيح بخاري ڪتاب التوحيد تفسير سورت بقره وسورت فرقان ۽ ڪتاب الادب ۽ صحيح مسلم ڪتاب الايمان.

(5) مجمع الامثال ڪرماني مطبوعہ ايران ص 348 ۽ ڪتاب مجمع الامثال ميداني جلد پهريون ص 287 مطبو عہ خيريہ مصر.

(6) ابن جريرابن ڪثير درمنثور سيوطي بحوالہ سنن بيهقي و مصنف عبدالرزاق سورت تڪوير جي تفسير هيٺ.

(7) سنن دارمي صفحو هيءَ روايت اگرچہ مرفوع آهي پران لاءِ نقل ڪئي وئي آهي جو گهٽ ۾ اچ اسان جي سامهون ان ڏوهہ جو تصور اچي.

(8) تفسير ابف جرير طبري بروايت حضرت قتاده تابعي رضہ ۽ تفسير ابن ڪثير بحوالہ عبدالرزاق ۽ بزاز ۽ درمنثور سيوطي.

(9) هيءَ روايت صحيح بخاري ڪتاب الادب باب رحمتہ الوالدين ۾ آيل آهي.

(10) صحيح مسلم ڪتاب البروالصلتہ باب فضل الرحسان للبنات.

(11) ترمذي البروالصلتہ باب ماجاء في ادب الواند سنن ابي دائود ڪتاب الادب باب فضل من عال يتيما.

(12) ابو دائود ڪتاب البيوع باب في الرجل يفضل بعض ولده في النحل.

(13) ساڳيو.

© rasailojaraid.com